ڊاڪٽر الله وسايو سومرو

# حضرت حافظ محمد صديقؒ پرچونڊوي ۽ سندس پوئلڳ شاعرن جي شاعري

**Abstract:**

*The land of Sindh has given birth to numerous saints, Sufis and poets. Hazrat Hafiz Mohammad Siddique was one of them. Hazrat Siddique was born and raised at Bharchundi Sharif, Dharki, District Ghotki, Sindh. He belonged to the spiritual silsila Naqshbandia. He was blessed with Kharka Khilafat by Hazrat Syed Mohammad Hassan Shah Jillani of Sui Sharif, who was the main spiritual caliph of Hazrat Syed Mohammad Rashid Roz-e-Dhani of Pir Jo Goth, District Khairpur, Sindh.*

*Hafiz Mohammad Siddique received education at various places. He was not only the founder of Khankah Bharchundi Sharif but also a sufi poet and leader of his follower sufi poets. His collection of poetry is known with the name of "Risalo Salook Jo". There are about 259 Sindhi Verses in it. This collection is the reflection of 18th and 19th century's Sindhi language, dictation and dialect. "Risalo Salook Jo" is full with the lessons of Salook, Tasauf and Halka Zikr Qadria. His famous follower Sufi Poets are Khalifo Rab Dino Hakro, Moulana Ahmed Sahib Khan Garhi and Hayat Faqeer Pitafi.*

*The poetry collection of Khalifo Rab Dino Hakro was founded and discovered by Dr. Allah Wasayo Soomro, which is in old, critical poor and depleted condition. Before this discovery, this great poet was unknown and forgotten in the Sindhi Literature. There are about 800 Sindhi and Siraikee verses and "167 Kafi" in it.*

*Hayat Faqeer Pitafi's Poetry Collection is founded by the same research scholar by taking the help of tape recorder and by recording his Kafi at the time of Singing by various Singers.*

*The poetry of all these poets is full with the lessons of humanity, sufferings, and provide a way of life based on doing good deeds and keeping Allah happy. In this paper an effort has been made to know more about these Sufi poets of Sindh and learn the lessons from their teachings.*

Shah Abdul Latif Bhitai Chair





**سرزمين** سنڌ کي باب السلام جو شرف ۽ رتبو حاصل آهي ۽ هن سر زمين وقتاً فوقتاً اهڙن مردم خيز شخصيتن کي جنم ڏنو آهي، جن پنهنجي سموري حياتي حسن اخلاق، پاڪ ۽ مقدس اقوال ۽ افعال ذريعي انسانيت جي خدمت ڪندي، وقف ڪري ڇڏي. اُهي عام ماڻهن لاءِ مشعل راه بڻجي ويا ۽ پنهنجي عمده اخلاق ۽ سيرت ذريعي سندن قسمتون بدلائي ڇڏيون. عام ماڻهو، جاهل مان عالم، غافل مان سجاڳ، بدڪار مان نيڪوڪار ۽ مُتقي بڻائي ڇڏيو. سنڌ جي زمين اهڙين قدسيہ ۽ فضيلت جي اعليٰ مرتبي تي فائز بزرگن سان ڀري پئي آهي، اهڙين مقدس ۽ پاڪيزه بزرگ هستين مان حضرت حافظ محمد صديقؒ جي شخصيت بہ هڪ آهي. "سندن جنم ڀرچونڊي شريف ۾ سال ١٢٣٤ھ / ١٨١٩ع ۾ ٿيو."[١]

ڀرچونڊي شريف ڏهرڪي شهر (ضلعي گهوٽڪي) جي اتر طرف قومي شاهراه ويجهو اٽڪل ٽي ڪلوميٽر جي مفاصلي تي واقع هڪ ننڍڙو ڳوٺ آهي. پاڻ نقشبندي سلسلي جا بزرگ آهن. سوئي شريف (تعلقو اوٻاوڙو، ضلعو گهوٽڪي) جي باني، سيد محمد حسن شاه جيلانيؒ (١٢٥٣ھ - ١١٩٣ھ) کان روحاني فيض حاصل ڪيائون، جيڪي پير ڳوٺ جي درگاه شريف جي نالي واري بزرگ حضرت سيد محمد راشد، روضي ڌڻيءَؒ (١٨١٨ع – ١٧٥٧ع) جا خاص خليفا هئا. حضرت حافظ محمد صديقؒ جي ننڍپڻ ۾ سندس والد ميان محمد ملوڪ صاحب جن جي رحلت ڪرڻ بعد، سندن تعليم و تربيت جي ذميواري، سندن والده سرانجام ڏني. پاڻ حصول تعليم جي سلسلي ۾ مختلف ماڳن جو پنڌ ڪيائون جنهن ۾، "سڀ کان پهرين ڀرچونڊي شريف جي ويجهو محمد موسيٰ ڀٽو وٽ، تنهن بعد اوٻاوڙو ويجهو راجن پور ۾ ميان محمد عثمان (وڏي) جي مدرسي ۾ بہ ويا. ان کان علاوه ماڙي جندو خان ڌهر (لڳ سنجرپور، صادق آباد، پنجاب) ۽ پاٽ شهر ۾ بہ ويا."[٢]

تنهن بعد پنهنجي مُرشد حضرت سيد محمد حسن شاه جيلانيؒ وٽ سوئي شريف ۾ سندن خدمت ۾ رهي، معرفت جون منزلون طئي ڪيائون ۽ خرقہ خلافت ۽ اجازت حاصل ڪيائون. سندن رحلت کان ڪجهه سال بعد خلق خدا کي صراط مستقيم طرف راغب ڪرڻ لاءِ "حضرت حافظ محمد صديقؒ ١٢٨٧ھ/١٨٧٢ع ۾ خانقاه ڀرچونڊي شريف جو بنياد رکيو."[٣] خانقاه ڀرچونڊي شريف ۽ هتان جي بزرگن،

درويشن ۽ مشائخن جي ديني، علمي، ادبي ۽ قومي خدمتن کان سنڌ جا اهي سڀ احباب واقف آهن، جن برصغير جي قومي، علمي، ادبي خد مت جي باري ۾ مطالعو ڪيو آهي.

حضرت حافظ محمد صديقؒ خانقاهه جي قائم ٿيڻ سان ئي لنگرخاني، مسجد، درسگاهه، ڪتب خاني، مسافر خاني جو قيام بہ عمل ۾ آندو. روزانو سون جي تعداد ۾ ماڻهن جو اچڻ وڃڻ شروع ٿي ويو، ۽ پاڻ انهن سلوڪ جي پانڌيئڙن کي عشق معرفت ۽ حقيقيت جون منزلون طئي ڪرائڻ جو ڪم سرانجام ڏنائون. نہ رڳو عام ماڻهو وٽن ايندا هئا، پر سندن دؤر جا ناليوار بزرگ، درويش، علماء، اولياء، صوفياء ڪرام ۽ شاعر حضرات بہ وٽن اچي، روح رهاڻيون ڪندا هئا. انهن ۾ پير محمد اشرف ڪاماري شريف وارا، بهاؤالدين بهائي پتافي، فقير دريا خان، خوش خير محمد هيسباڻي، غلام حيدر شر ۽ ٻيا بہ هوندا هئا.

پاڻ نہ رڳو انهن سان رهاڻيون رچائيندا هئا، پر سلوڪ ۽ تصوف جي مضمون وارا بيت بہ سندن خدمت ۾ پيش ڪندا هئا. فارغ وقت ۾ باقائده راڳ جي فن کان واقف ۽ قابليت رکندڙ راڳين کان مختلف صوفياءِ ڪرام جو عارفاڻو ۽ صوفياڻو ڪلام ٻڌندا ڪندا هئا، پر وٽن پنهنجي روحاني، نقشبندي طريقت موجب موسيقيءَ جي ساز جو استعمال ڪرڻ ممنوع آهي. اُهو طريقو اڄ تائين بہ خانقاهه پرچوندي شريف ۾ مروج آهي. سندن ڪائڻ، پيئڻ، پائڻ هنڊائڻ، اٿڻ ويهڻ، هر قول و فعل سادو ۽ عين اتباع شريعت اسلامي مطابق هوندو هو. ”شريعت ۽ سنت جو هي پيروڪار، مرد مجاهد، شيخ المشائخ ۽ جنيد وقت، ۷۴ سالن جي عمر ۾، ۱۰ جمادالثاني، ۱۳۰۸هه تي هن فاني جهان مان لاڏاڻو ڪيو.“(۴)

پاڻ پنهنجي سموري حياتي، معاشري جي اصلاح ۽ سڌاري آڻڻ ۾ وقف ڪيائون. مختلف سماجي براين کي پاڙان پٽڻ لاءِ عملي قدم کنيائون. سندس ناليوارا ۱۱ خليفا ٿي گذريا آهن ۽ ان کان علاوه امام انقلاب، مولانا عبيدالله سنڌي بہ سندن هٿ تي بيت ڪري دين اسلام قبول ڪيو هو. حضرت حافظ محمد صديقؒ پاڻ نہ رڳو عالم دين، جنيد وقت، شيخ المشائخ، حافظ قرآن مجيد، سنت ۽ شريعت جا پيروڪار هئا، پر پاڻ صوفي شاعر، اديب ۽ مصنف بہ هئا. سندن عقيدتمندن مان ڪي ناليوارا





سنڌي، سرائيڪي زبان جا شاعر بہ پيدا ٿيا هئا. جيڪي سندن خدمت ۾ رهي يا سندن وصال بعد پنهنجو صوفياڻو ڪلام چيو. انهن ۾ مولانا تاج محمود امروٽيؒ ، خليفو ربڏنو هَڪڙو، مولانا احمد صاحب خان ڳڙهي، فقير محمد حيات پتافي ۽ فقير غلام حسين جلباڻي جا نالا اچي وڃن ٿا. حضرت حافظ محمد صديقؒ ڪنزالامت، ملفوظات شريف ۽ شاعريءَ جي مجموعي ’رسالو سلوڪ جو‘ جا مصنف آهن. هن سندن ڪلام ’رسالو سلوڪ جو‘ ۾ مطالعو پيش ڪجي ٿو:

جيئن تہ حضرت حافظ محمد صديقؒ جي دوستي ۽ سنگت، پنهنجي دؤر جي مختلف عالمن، صوفي، درويشن، بزرگن، مشائخن ۽ اوليائن کان علاوه صوفي شاعرن سان بہ هوندي هئي، جن سان سندن محفلون منعقد ٿينديون رهنديون هيون، ۽ ان کان علاوه پاڻ مولودين ۽ راڳين کان مختلف عارفن جا رندي ڪلام، بيت، وائيون ۽ ڪافيون ٻڌندا هئا، تنهن ڪري سندس طبيعت سليم ۾ شاعرانہ جُز بہ شامل ٿي ويا هئا. مختلف موقعن تي، موضوع جي مناسبت سان مختلف صوفي شاعرن جا بيت ۽ پنهنجا بيت بہ پڙهندا هئا. سندن سمورو ڪلام سلوڪ جي بيتن تي مشتمل آهي ۽ انهيءَ ڪلام جي مجموعي کي ’رسالو سلوڪ جو‘ سڏيو وڃي ٿو. ”رسالي جي ڪتابت سندس هڪ عقيدتمند، نور محمد بن حاجي ابراهيم ڪئي آهي. ڪتابت جي تاريخ ۲۰ محرم الحرام ۱۳۳۵هه تحرير ڪيل آهي.“(۵)

’رسالو سلوڪ جو‘ تصوف جي موضوع تي مَبني آهي. هن رسالي ۾ حضرت حافظ محمد صديقؒ پنهنجي روحاني سلسلہ عاليہ نقشبنديہ جي سيني ذڪرن، شغلن، لطيفن، مراقبن جي ادا ڪرڻ ۽ پڙهڻ جا طريقا بيتن ذريعي ٻڌايا آهن. ان کان علاوه، روحاني ۽ صوفيانہ اصطلاحن کي پنهنجي رسالي ۾ آڻي، انهن کي دائمي زندگي بخشي آهي. سن ۲۰۰۴ع ۾ نامور عالم، محقق ۽ مؤرخ علامہ مير حسان الحيدري، حضرت حافظ محمد صديقؒ جي ڪلام، ’رسالو سلوڪ جو‘ جو سنڌي ادب ۾، پهريون ڀيرو، شرح، تحقيق ۽ مقدمو لکي، حافظ الملت اڪيڊمي خانقاهه ڀرچوندي شريف طرفان ڇپرائي پڌرو ڪيو، اُن کان اڳ ’رسالو سلوڪ جو‘ قلمي نسخي جي صورت ۾ موجود هوندو هو.

’رسالو سلوڪ جو‘ جي اصل قلمي نسخي ۾صرف ۱۴ صفحا ۽ بہ سؤ اُٺهٺ

(٢٥٩) بيت آهن، گهڻا بيت الف اشباع جي طرز تي چيل آهن. ان ڪان سواءِ اهل تصوف بزرگن جا بيت بہ گڏيل طور ڏنل آهن. انهن جو مجموعي تعداد تيرهن (١٣) آهي. انهن بيتن مان ڏهہ (١٠) بيت فارسيءَ جا، بہ (٢) بيت سنڌيءَ جا ۽ هڪ بيت هنديءَ جو، يعني ڪل تيرهن (١٣) بيت ڏاريا آيل آهن. فارسيءَ جا ٽي (٣) بيت حافظ شيرازي، مولانا جامي، شيخ سعدي ۽ امير خسرو وغيره جا آهن، پر انهن مان فارسيءَ جو هڪ بيت، حضرت حافظ محمد صديقؒ جو معلوم ٿئي ٿو."[٦] محقق علامہ مير حسان الحيدري، فارسي جو جيڪو بيت، حضرت حافظ محمد صديقؒ جو قرار ڏئي ٿو سو هي آهي:

جان بجانان ده وگرنہ ازتو بستاند اجل،
خود تو منصف باش حافظ، آن نکو يا اين نکو.[٧]

**ترجمو:** ساهہ محبوب کي ڏي، نہ تہ موت وٺي ويندو،
حافظ تون خود انصاف ڪر، هو چڱو يا هي چڱو.

سنڌي بيتن مان هڪ بيت، حضرت شاهہ عبداللطيف ڀٽائيؒ ۽ هڪ بيت سندن تڙ ڏاڏي سيد عبدالڪريم بلڙيءَ واري جو آهي. ڀڳتي تحريڪ جي سرواڻ شاعر ڀڳت ڪبير جو هڪ سرائيڪي نماهندي بيت بہ رسالي ۾ شامل آهي."[٨]

'رسالو سلوڪ جو' جي ٻولي اٽڪل بہ صديون اڳ واري آهي ۽ معياري لهجو ڪم آيل آهي، جڏهن تہ پاڻ حضرت حافظ محمد صديقؒ اتر سنڌ جا رهاڪو هئا. ٻولي تمام سليس ۽ جلد سمجهہ ۾ اچڻ واري آهي. اجايا ڏکيا ۽ مشڪل لفظ استعمال ٿيل نہ آهن.

'رسالو سلوڪ جو' جي تحرير يا صورتخطي اڄوڪي مروج صورتخطي کان مختلف آهي. انهن مان ڪجهہ نمونا هيٺ ڏين ٿا:

| شمار | 'رسالو سلوڪ جو' جي صورتخطي | هاڻوڪي صورتخطي |
|---|---|---|
| ١ | ڀهرياءِ | ڀهريائين |
| ٢ | انگر | اڱر |
| ٣ | چگون | چڱو |





| | | |
|---|---|---|
| ٤ | ننڍهي | ننڍي |
| ٥ | ڏکہ | ڏک |

'رسالو سلوڪ جو' ۾، ڪي اهڙا لفظ بہ ملن ٿا، جيڪي اڄوڪي مروج سنڌي ٻوليءَ جي لفظن کان ڪجهہ مختلف آهن، نموني طور ڪي لفظ هيٺ ڏجن ٿا.

| شمار | 'رسالو سلوڪ جو' ۾ صورتخطي | هاڻوڪي صورتخطي |
|---|---|---|
| ١ | هيڪڙي | هڪڙي |
| ٢ | سومهڻي | سمهڻي |
| ٣ | آگو/آگا | آغو/آغا |
| ٤ | پانهنجي | پنهنجي |
| ٥ | صوفن | صوفين |

حضرت حافظ محمد صديقؒ 'رسالو سلوڪ جو' سنڌي بيتن ۾، عربي ۽ فارسيءَ جا جملا يا آيتن ۽ حديثن جا ننڍڙا ٽڪرا ڏاڍيءَ مهارت سان استعمال ڪيا آهن، جڻ تہ مُنڊيءَ تي ٽڪ جُڙي هجيس، مثال طور:

نہ چڱي سرڪي شخص جو سو نہ لهي سا،
من لم يذق لم يدر اهج انهي آ (آہ).

رسالو سلوڪ جو، تصوف تي مشتمل آهي. ان ڪان علاوه، روحاني، عرفاني ۽ صوفيانہ اصطلاحن کي پنهنجي رسالي ۾ ڪم آڻي، انهن کي هميشہ جي زندگي عطا ڪئي وئي آهي. ذڪر نفي اثبات، وحدت الوجود، فنافي المرشد ۽ تصور شيخ، تزڪيہ نفس، تصفيہ قلب ۽ تجليہ روح جا مرحلا ۽ ڇهن لطيفن جو مفصل ذڪر ڏنل آهي. نموني طور ڪجهہ بيت هيٺ ڏجن ٿا:

تہ جيڪي خلاصو سلوڪ جو، موقوف اِت ٿيو،
هڪ صفائي دِل جي، نقش پاڪ پيو.
تہ جڏهن سالڪ لآ اِلٰهَ اِلآاللّٰهُ چوي،
تڏهين ماسوي اللّٰہُ، دل تون سالڪ جي سڀ لهي،
يعني اُجيل وادي طلب جو، منجهہ جهنگل دنيا جي،



Shah Abdul Latif Bhitai Chair

ڪري مشاهدو وحدت جو، منجھ آهري ڪثرت جي.

(۹)(بيت نمبر ۵۲)

جيڪو چڙھي تنھن ٻيڙيءَ ۾، سو امن منجھ ٿئي،
ڪنان طوفانن خيالات دنيا ۽ آخرت جي.
(۱۰) (بيت نمبر
۷۲)

نہ بشر، نہ حور، نہ پري، چوان ڪير آن تو؟
هي سڀ پردا تو، اتي تون ڪو ٿول ٻيو.
(۱۱) (بيت نمبر ۷۸)

## مولانا تاج محمود امروٽي (۱۹۲۹ع – ۱۸۵۷ع):

حضرت مولانا تاج محمود امروٽي ولد سيد عبدالقادر شاهہ عرف پورل شاهہ جو جنم ديواني، لڳ ڳاڙهي موري، ضلعي خيرپور ۾ ٿيو. عربي ۽ فارسي تعليم حاصل ڪري 'عالم' جو درجو ماڻيائون. "پاڻ نهايت با ڪمال بزرگ هئا ۽ حضرت حافظ محمد صديقؒ ڀرچونڊي شريف واري کان روحاني فيض و ڪرامت جو درجو حاصل ڪري سندس خليفا بڻيا."[۱۲] ( سومرو ۲۴۰: ۲۰۱۵ع)

پنهنجي مرشد جي چوڻ تي اچي، امروٽ شريف تعلقي ڳڙهي ياسين ۾، ديني علمن لاءِ ديني درسگاهہ قائم ڪيائون. ديني علمن جي تبليغ کان علاوه، سماج ۾ برايون ختم ڪرڻ لاءِ، عملي ڪردار ادا ڪيائون. سندن هٿ تي، هزارين غير مسلمانن ڪلمہ توحيد پڙهي دين اسلام قبول ڪيو. وطن جي آزاديءَ جي تحريڪ ۾ سندسن نمايان ڪردار آهي. ان کان علاوه پاڻ سنڌي زبان جا اعليٰ درجي جا شاعر بہ هئا: "ڪلام ۾ پنهنجي پُٽ، 'حسن' جو نالو تخلص طور ڪم آندائين."[۱۳] نعتيہ ڪلام کان علاوه قومي نظم بہ لکيائين سندس هڪ مڪمل رسالو، 'عرفان امروٽي عرف ڪليات' شايع ٿيل آهي ان کان علاوه، سندس ٻن تصنيفن ۾:

(۱) قرآن پاڪ جي سورت الرحمٰن ۽ سورت ياسين جو عربي متن کان سواءِ سنڌيءَ ۾ منظوم ترجمو.





(۲) قرآن مجيد جو عربي متن کان سواءِ بامحاوره سنڌيءَ ۾ مڪمل ترجمو ٽن حصن ۾.

(۳) قرآن مجيد جو عربي متن سان گڏ بامحاوره سنڌيءَ ۾ ترجمو الهام القرآن في تفسيرالقرآن جي نالي سان.

(۴) 'پريت نامو'، عرف يوسف زليخا منظوم سنڌي مثنوي.

(۵) گلشن امروٽي سنڌيءَ ۾ نعتيہ ڪلام.

(٦) اڻ ڇپيل شعر، ڪافيون، غزل، مخمس، مناجات وغيره.

(۷) فارسيءَ ۾ اڻ ڇپيل شعر، نعتون ۽ غزل.

(۱۴) (بخاري۱٦ – ۲۱۵: ۲۰۰۳ع).

سندس شاعريءَ تي مذهبي عنصر غالب آهي. مولود شريف جو باڪمال شاعر آهي. سندس مولودن ۾ عشق مصطفٰي جو جذبو نروار آهي، حضور ڪريم صلي الله عليہ و آلہ وسلم سان والهانہ محبت جو اظهار ڪندي جهُونگاري ٿو تہ:

رسول الله ! تو ري جان ماندي،
بنا محبت ناهي هڪ وار واندي.

هڪ ٻئي هنڌ چون ٿا تہ:

ٻڌي زاريون نماڻيءَ جون، اچي رس يا رسول الله
پرين سو پاڻ تون ٻاجهون، اچي پس يا رسول الله

(۱۵) (بخاري ۲۷۵: ۲۰۰۳ع)

سندس بيتن ۾ بہ حضور ڪريم صلي الله عليہ و آلہ وسلم جي سڪ ۽ شان جو موضوع سمايل آهي. بيتن جي ٻولي نهايت سلوٽي آهي، سندس ڪلام، سہ حرفي بيتن جي سونهن آهي، مولانا امروٽي مولودن ۽ بيتن کان علاوه، ڪافيون پڻ چيون آهن. سندس ڪافين جو موضوع، حقيقي يار جي وصل طلب سان گڏ، دل جي درد تي مبني آهي. سڄي ڪلام تي صوفيانہ رنگ غالب آهي. حقيقي يار وصل جي ترڪيب هن طرح ٻڌائي ٿو:



Shah Abdul Latif Bhitai Chair

كرين جي ذكر تون ذاتي ته ٺيندءِ يار ميلاپو،
وسارج ڪينڪي جائي، جيڪا دل ۾ تون لنئولائي،
اُٿي ويٺي تو ڪر سائي، اهو رک خيال ڳانڍاپو،
فنا ڪر پاڻ کي فاني، منجهي ئي دل ذڪر جاني،
لاهي سڀ خيال حيراني، ڏيئي سِڪ جو تون سيلاپو.

(١٦) (بخاري ٩١- ٢٩٠: ٢٠٠٣ع)

مولانا امروٽي، هڪ پڪو متشرع عالم هو، تاهم طريقت ۾ دلي ڪيفيت ۽ قلبي واردات کان مجبور ٿو لڳي، جنهن کي صوفيانه اصطلاح ۾ 'حال' چون ٿا، جيئن سچڻ جي سونهن کي پڌرو، اکين ۾ دل سان ڏسڻ گهرجي ٻيائيءَ کي ڇڏي هڪدم هڪائي هڪ ٿيڻ گهرجي، مولانا امروٽيءَ تي منصور، سچل سرمست وارو صوفيانه رنگ نروار نظر اچي ٿو، ۽ پنهنجين ڪافين ۾ انهيءَ ڪيف ۽ مدهوشيءَ جو غلبو مٿس ڇانئڻ جو ذڪر ڪن ٿا ته:

اَناالحق پاڻ سو پاڻئون، ٻولي انسان جي اولي،
ٻُڌي سو پاڻ پُليا، ڪيئون منصور جي ٻولي.

١. سوريءَ تي مرد ٿيو سرهو، ڇڏي ٻولي ٻيائيءَ جي،
هڪائي موج محبت ۾، پڳا تنهن پول سڀ پولي.

سندس ڪافين ۾ الاهي عشق جون وارداتون، الاهي ذڪر ۽ فڪر جي تلقين ڏک ۽ تڪليفون، عشق جا عجب اسرار ۽ نراليون ڳالهيون، انسان کي سندن اصلي وطن (عالم ارواح) ياد ڏيارڻ محبوب کي ڳولڻ لاءِ ڏونگر ڏورڻ وغيره جا موضوع ۽ خيال سمايل آهن. سندس ڪافين ۾ قدرتي نظارن جي پُرڪشش خوبصورتي ۽ حقيقي محبوب جو حسن ۽ جانب جي جلوي جي جوت نظر اچي ٿي. جيئن:

آئي موسم چيٽ بهار، هر جاءِ جانب حسن سوايو.

گل ڦل ٻوٽا باغ سڄو ئي واسيا وڻ ٽڻ سونهن سيوئي،

ٻاجهئون سُهٽل نظر نه ڪوئي، نيڻ ڏس نروار.





سهن صنوبر سوسن سارا، نازڪ نرگس نيڻ نيارا،

اوڏانهن ڏين ٿا اصل اشارا، طلب وارن کي تڪرار.

(١٧) (سومرو ٢٥٠: ٢٠١٥ع)

مولانا تاج محمود امروٽيءَ، 'حسن' جي تخلص سان غزل چيا، جڏهن ته پاڻ عارف باالله هئا، ظاهري شهرت کان پاسو ڪندا هئا، جنهن ڪري سندس ڪلام گمنام ٿي ويو. سندس غزلن تي تصوف جو رنگ چڙهيل آهي. سندس غزلن ۾ عشق جي اُپٽار آهي، سا به حقيقيت ۾ الله جي طلب، شريعت ۽ طريقت جي تلقين آهي:

ڏکين جي درد جون دارون، سواءِ ديدار جي ناهي،

ڦٽين جي ڦٽ سندي مرهم، سواءِ ديدار جي ناهي.

(١٨) (سومرو ٢٥٠ : ٢٠١٥ع)

مولانا امروٽيءَ جي دؤر ۾، انگريزن کي ملڪ مان تڙي ڪڍڻ جون تحريڪون هلي رهيون هيون، پاڻ ان وقت قومي شعر به چيا هئائون. سندس غزل فني سٽاءُ ۽ ٻين لوازمات سميت، مصرعن جو انداز قلبي ڪيفيت سوز ۽ درد صوفيانه ۽ رومانوي مضمون، اخلاقي ۽ ناصحاني نڪتہ وغيره موجود آهن ڪلام ۾ روحاني سلاست موجود آهي. مولانا امروٽي مخمس به چيا آهن، انهن ۾ شعر جي روانگي، شائستگي، سلاست، فصاحت ۽ قافيہ بنديءَ جون خصوصيتون موجود آهن.

## مولانا احمد صاحب خانڳڙهي (١٩٣٥ع - ١٨٧٣ع):

مولانا احمد صاحب، پنهنجي والد، مولانا عبدالغفار مهر جي لاڏاڻي کان پوءِ، سندس خانقاهه خانڳڙهه شريف جا جانشين بڻيا. پاڻ نه رڳو حافظ، عالم ۽ فاضل هئا، پر صوفياڻي طبيعت جا بلند مرتبي جا شاعر به هئا. طريقت ۾ هن صاحب رندانه مشرب اختيار ڪيو، جنهن جو اظهار سندس ڪلام ۾ ملي ٿو. پاڻ گهڻو ئي ڪلام چيائون جنهن ۾ مولود، سي حرفيون ۽ ڪافيون شامل آهن.

"سندن محبت واري مريد، مولوي محمد اعظم سراجي 'پتافي' ۽ سندس پاءُ مولوي عبدالرحمٰن ضيائي ۽ حافظ شير محمد گلال، سندس ڪلام کي سهيڙيو ۽ ٻن



Shah Abdul Latif Bhitai Chair

ڪتابڙن (ليٿو) ۾ ڇپايو."(١٩) (بلوچ ١٠٢٠: ١٩٨٧ع)

بياض احمديءَ ۾، ١٣٣ ڪافيون آهن شاعر هئڻ سان گڏو گڏ پاڻ نثر نگار به هئا. پاڻ حديث شريف جي مجموعي مشڪوات شريف جو سنڌي زبان ۾، اٺن جلدن ۾ ترجمو ڪيائين. ان ڪان علاوه مختلف موضوعن تي سندس تصنيف ڪيل رسالا آهن، جنهن ڪي 'مظهر' سڏجي ٿو. انهن جو تعداد مختلف ٻڌايو وڃي ٿو. ٥٦ ، ٤٧ يا ٤٥ مظهر آهن. نظم ۽ نثر واري هر مظهر ۾ گهڻو ڪري پنهنجي مرشد ۽ رهبر، حضرت حافظ محمد صديقؒ ۽ حضرت حافظ محمد عبداللهؒ جا گڻ ڳايا اٿس. سندس نثر ۾ چوٽيون ۽ پهاڪا به ملن ٿا، جيئن: ڇٻي ڇتي ڪائجي، ڪنگهي ڪُرڪي ڳائجي يا جهلي جهلي لڪجي ۽ سُرت رکي سگهجي.

سندس بياض احمديءَ ۾ حمد، نعت، مولود، غزل ۽ سي حرفي شامل آهن. پنهنجي نالي احمد ڪي تخلص طور ڪم آندو اٿس، بياض احمديءَ ۾، سنڌي ۽ سرائيڪي زبان ۾ ڪافيون ملن ٿيون. سنڌي ۽ سرائيڪي ڪافين ڪان علاوه چند اهڙيون ڪافيون آهن، جن ۾ عربي ۽ فارسي زبان، گاڏڙ آهي. ڪافي نمبر ١٠٤ عربيءَ ۾ آهي هندي زبان ۾ به چند ڪافيون ملن ٿيون. ڪافين ۾ مٿس صوفيانه رنگ ڇانيل نظر اچي ٿو. مثال طور:

وسريا ٻيا سڀ امان ڙي امان، گهر رانجهن آيا،  
رانجهن آيا بخت سوايا، اور رهي نا طمعان،  
جيهي تيهي هان مين اُهيندي، سگ سُڄاڻي سمان،  
عشق تيڏا ايمان آميڏا، ذرم پرم تي ڏمان،  
اصلئون 'احمد' هويا تيرا، جائي اُيا لمان.  
(٢٠) (بلوچ ١٠٢١: ١٩٨٧ع)

ڪٿي ڪٿي سچل سرمست ۽ منصور وارو صوفيانه لباس به پنهنجي ڪافين ڪي ڍڪايو اٿس: جيئن:

رندي رمز رَلاوڻ ڪيتي، اندر ٻاهر مين وو مَين،  
هر هر جاتي جُلا سيڏا ، مسجد مندر مين وو مين،  
ملان تي منصور پيي مين هون، ناظم منظر مين وو مين،





شيعا مَين هون سُني مين هون، منتر جنتر مين وومين،  
سر الاهي صُوفي والا، مُظهر مَظهر مين وو مين،  
عالم عارف عابد مين هون، حاضر هر هر مين وو مين،  
ناري نوري نارا سيڏا، هُو هُو هر مين وو مين،  
احمد مين هون انهد مين هون، ارشد انڪر مين وو مين.  
(٢١) (خان ڳڙهي ڪافي نمبر ٧٧ - ص ٥٣)

سندس ڪلام ۾ وحدت مان ڪثرت ۽ ڪثرت مان وحدت جا ڳوڙها نُڪتا ۽ رندانه مشرب جا به موضوع سمايل آهن، مرشد ڪي گُرو سڏي ٿو ۽ گُروءَ جي مدد ۽ رهنمائيءَ سان سندس روحاني طاقت وڌي ٿي ۽ حقيقت تائين پهچي ٿي. گُلستان، گل خندان جي ذڪر سان سمايل به ڪافيون چيون اٿس. مولود ۾ هو حضور ڪريم صلي الله عليه وآله وسلم ڪي باعث تخليق ڪائنات قرار ڏئي ٿو، ۽ سندن ديدار ڪي پنهنجي لاءِ معراج سمجهي ٿو. سندن تشريف آوريءَ سان معاشري مان بُرايون مٽجي ويون.

## خليفو ربڏنو هڪڙو:

خليفو ربڏنو هڪڙو ولد گل محمد هَڪڙو، ڳوٺ غلام حسين هَڪڙو تعلقو رتوديرو ۽ ضلعي لاڙڪاڻي جو رهواسي هو. سندس شمار حضرت حافظ محمد صديقؒ جي نامور خليفن ۾ ٿئي ٿو. پاڻ باقاعده فارغ التحصيل عالم ۽ حافظ قرآن مجيد به هئا ۽ درس وتدريس جي پيشي سان لاڳاپيل هئا. پاڻ ساده زندگي گذاريندڙ هئا. سادي طبيعت جا مالڪ، متقي، تنهائي پسند ۽ نهايت گهٽ ڳالهائيندا هئا. سندس تاريخ ولادت ۽ وصال يقيني طور نه ٿي ملي. پاڻ قادرالڪلام سنڌي ۽ سرائيڪي زبان جا شاعر به هئا. ربڏنو يا ربڏنه تخلص طور ڪم آڻيندا هئا. سنڌي ادب ۾ موصوف جي تحقيق ڪان اڳ ۾ ڪٿي به سندس نالو نه ٿو ملي. موصوف پنهنجي پي-ايڇ-ڊي جي تحقيق جي ڪم دؤران سنڌي ادب جي هن گمنام شاعر ڪي منظر عام تي آندو ۽ سندس قلمي بياض اٽڪل ڏيڍ صدي اڳ جو هٿ ڪيو، جيڪو نهايت زبون ۽ اڌوهي ڪاڌل حالت ۾ مليو. سندس قلمي نسخي ۾ ڪل ١٦٢ صفحا آهن. صفحي نمبر هڪ ڪان اٺهٺ ٦٨ تائين ڪافيون ۽ صفحي نمبر ٦٩ ڪان آخر تائين بيت لکيل آهن. بيت پنهنجي فني سٽاءَ ڪان هٽي، نثر جي فني طرز تي لکيل آهن. ڪافين جو ڪل تعداد ١٢٧ آهي.



Shah Abdul Latif Bhitai Chair

قلمي بياض جو اڀياس ڪيو ويو ته. هن ۾ بيت سرن مطابق ڏنل آهن ۽ هر سر جي شروعات ۾ ان سُر جو نالو ڏنل آهي. سندس هن بياض ۾ سُرن ۽ بيتن جو نچوڙ هن طرح آهي.

| نمبر | سُر جو نالو | بيتن جو تعداد |
|---|---|---|
| ۰۱ | سُر ڪاموڏ / نوري | ۷۴ |
| ۰۲ | سُر حسيني | ۱۴۵ |
| ۰۳ | سُر بيراڳڻ هنديءَ جو | ۴۷ |
| ۰۴ | سُر سهڻي | ۱۱۶ |
| | چنڊ جي هر تاريخ جا بيت | ۳۴ |
| | ٽيهه اکري | |
| ۰۵ | سُر ڪيڏارو | ۱۹ |
| ۰۶ | سُر مارئي | ۱۳۷ |
| | ٽيهه اکري | ۳۴ |
| | عمر مارئي جا هڪ ٻئي کي سوال جواب | ۵۵ |
| .۷ | سُر هير رانجهو (سرائيڪي ۾) | ۱۳ |
| | **ڪُل بيت** | ۷۶۳ |

هر هڪ بيت، گهٽ ۾ گهٽ ٽن يا چئن سٽن ۾ ملي ٿو ۽ اهو دوهو ۽ سورٺو جي ميلاپ تي آهي. صورتخطيءَ جو جائزو وٺبو ته انهن ۾ استعمال ٿيل لفظ، معياري /مروج صورتخطي ۽ لهجي کان مختلف آهن. جهڙوڪ:

| رسالي مطابق لکڻي يا لهجو | معياري لکڻي يا لهجو |
|---|---|
| ما بدڪار | مان بدڪار |
| آهيم | اٿم |
| تڏا | تڏان يا تڏهان |
| سولت | صورت |





| | |
|---|---|
| سابت | ثابت |
| اُنن | اُنهن |

خليفي صاحب جي بياض ۾ استعمال ٿيل ٻولي سادي، ۽ فڪر عارفاڻو ۽ صوفياڻي آهي. پنهنجن بيتن ذريعي پنهنجي رب سان مخاطب ٿي دعائون ٿو پني، ته ڪٿي نماز کان انڪار ٿو ڪري. جيئن هڪ بيت جي آخري سٽ ۾ چوي ٿو ته:

صاحب تون سپيئي بخش بَديون مان بدڪار کي.

(۲۲) (ص۱۷۱)

صفحي نمبر ۱۰۲ تي بيت نمبر ۲۰ ۾ چوي ٿو ته:

نماز پڙهڻ ڪم زناني، نران را ڪم پڇاڻڻ نيهن،
عشق دا قدم سپ ڪم اُتي، جيئن زناوران وچ گجي شينهن،
عاقل هوون اونده وچ، عاشقان ايوين ڪيتا جيئن چٽا ڏينهن.
محبت پڇاڻڻ ڪم مردان دا، ايوين جيوين مکڻ ڇماڻڻ جتا تتي ڏينهن،
ڪئي سالق وتن چالا سِڪايون، جتا اَٺ پهر وسدا مينهن،
افا ڪيتا رات وچون ڏينهن.(۲۳)

خليفو صاحب باطني علم کي ظاهري علم تي فوقيت ڏني آهي. انهن عالمن کي ڏڪاري ٿو، جيڪي پنهنجي اندر کي اجرو نه ٿا رکن ۽ ڪتاب پڙهڻ سان سندن اندر جو مير نه ٿو ڌوپجي ۽ نه ئي لهي سگهبو آهي، ۽ ان لاءِ تلقين ٿو ڪري ته اهو مير تڏهن ختم ٿيندو، جڏهن پنهنجي اندر رب جي لاءِ جاءِ ٺاهيندو.

خليفو صاحب پنهنجي بيتن اندر قرآن مجيد جي آيتن مان مدد وٺي ٿو ۽ اهڙي ته سهڻي نموني پيش ڪيو اٿس، جو بيت معنيٰ ۽ خيال جي بلنديءَ کي ڇهن ٿا. سُر سهڻيءَ ۾ چوي ٿو:

جن جو صلح ساهڙ سان، اهي ڏه نه ڏسن،
ڪديائون ڏه ڏيل مون، رکي حب هن پر هلن،
وَحَسَنُ ثوابُ الآخِرَتِ، اني پند پرن،



Shah Abdul Latif Bhitai Chair

لنگهي 'رباڻ' چوي، هلي پهتيون ساڻ پرين،

اهي ڪيئن ويرن ۾ ورسن، جن ساهه ڏنو ساهڙ ڪي.

(۲۴) (بيت نمبر ۱۰۷: ص: ۱۱۸)

سُر ڪيڏاري جي هڪڙي بيت ۾ صحيح دوست جي انتخاب لاءِ پاڻ صلاح ڏين ٿا ته، دوست اهو چونڊجي جيڪو چڱو ۽ نيڪ : محنت چور يا ڪم چور نه هجي، حرام جي مال تي ساهه ڏيڻ وارو ۽ پاڻ نه ڪمائڻ وارو نه هجي، اهڙين عادتن کان پاڪ هجي. سُر مارئي ۾ خليفي صاحب مارئيءَ جي همٿ ۽ حوصلي جي واکاڻ ڪئي ٿو ڪري. هن ۾ عمر سومري جو سوال ۽ مارئيءَ جو ڪيس جواب، سي بيتن ذريعي پيش ڪري ٿو.

خليفي صاحب جي قلمي بياض ۾ رڳو هڪ هنڌ ڪنهن ٻئي ڏارئي شاعر، يعني خواجه غلام فريد جو هڪ بيت مليو ٿو، جيڪو بياض جي صفحي نمبر ۱۳۹ تي هن طرح ڏنل آهي:

عشق جهڙا بدنام نه ڪوئي، جو ذات نون ذات چاڙهي

گهر دي طعني، لوڪان دي مِهڻي، سر تي مول نه آڻي،

آکي خواجه فريدا، ياري اَتاهين لائي جي جو اڳلا به قدر ڄاڻي.

## فقير محمد حيات پتافي:

فقير محمد حيات پتافي ولد محمد مراد پتافيءَ جو جنم، ڳوٺ بهرام فقير پتافي ديهه نهوندي، يونين ڪائونسل ياڙُو لنڊ، تعلقي مير پور ماٿيلي ۽ ضلعي گهوٽڪيءَ ۾ ٿيو. سندس عمر لڳ ڀڳ ۹۰ سال ڪي ذهن ۾ رکندي سندس ولادت ۱۸۹۴ع ۽ وصال ۱۹۸۴ع ۾ ٿيو.

پاڻ حضرت حافظ محمد عبدالله؈، خانقاهه پرچونديءَ وارن جا مريد ٿيا. مجازي عشق کان حقيقي عشق تائين رسيا. پاڻ صاحب ڪرامت ۽ برڪت درويش فقير هئا. پاڻ شاعري به ڪيائون ۽ ڳايائون به. پر افسوس جو سندس ڪلام ڪنهن به ڪتاب ۾ نه ٿو ملي ۽ نه ئي وري قلمي بياض اٿس، رڳو هڪ درجن کن سنڌي ۽ سرائيڪي ڪافيون سندس پوئيرن ڪي زباني ياد آهن، جيڪي موصوف ٽيپ رڪارڊر ذريعي،





مؤرخ ۱۵.۰۵.۲۰۱۰ تي گهرام فقير ۽ محمد مراد فقير (مرحوم) سندن پائيتين کان زباني ٻڌي رڪارڊ ڪيون. هن کان اڳ سنڌي ادب جي هن گمنام صوفي ۽ درويش شاعر جو ڪٿي به ذڪر ڪونه ٿو ملي. سندس ڪافين جو موضوع ۽ محور مرشد جي واکاڻ کان علاوه خوف خدا، حب رسول ڪريم ﷺ ۽ پنجتن پاڪ، روضه رسول ﷺ جي زيارت، خطائون معاف ڪرائڻ لاءِ ڏٺي در دعاگو هئڻ تي مبني آهي. تخلص طور 'حيات' ڪم آندو اٿس.

نموني طور سندس هڪ ڪافيءَ جا ڪجهه بند هيٺ ڏجن ٿا:

ٿلهه: پسيم مون رات جو ديدار، مرسل مير مڪي جو،

ڪناران ڪيچ ڏائون آيو، سسئي سجدو صحيح پايو،

جي عربي ويس ڪري آيو، نشاني نور پرور جو،

چوي 'حيات' آهيان فاني، ڪري مون تي مهرباني،

مرڻ ويلي پڙهان جاني، جي ڪلمو پاڪ محمد جو.

فقير صاحب جي چيل ڪلام جي ٻولي عام، سادي وسولي آهي. اترادي لهجو ڇانيل اٿس، سندس مادري زبان سرائيڪي هئڻ ڪري، سندس ڪلام ۾ سرائيڪي لفظ ۽ لهجو به استعمال ڪيو اٿس.

## فقير غلام حسين جلباڻي:

اصل نالو ٻاجهي هُيس. سندس والد جو نالو بخشڻ خان جلباڻي هو. سندس وڏن جو گذرسفر مال چارڻ تي هو. علم حاصل ڪرڻ جي سلسلي ۾ گهران ڀڄي نڪتو، تان وڃي هندستان جي علائقي سهارنپور جي ميرٺ شهر ۾ هڪ مدرسي ۾ داخل ٿيو. مسلسل ۲۰ سال اتي رهي، ديني علوم، طب ۽ حڪمت ۾ مهارت حاصل ڪري، واپس وريو. "سندس مزار، ديهه ڏڳاٽو مهيسر لڳ ڪوٽ لعل بخش مهيسر ۾ موجود، تعلقه سجاول جوٽيجو، ضلعو قمبر شهداد ڪوٽ ۾ آهي."(۲۵)(سومرو ۲۸۸: ۲۰۱۵ع)

مرشد جي تلاش ۾ گهمندو ڦرندو اچي خانقاهه پرچوندي شريف جي شيخ ثاني حضرت حافظ محمد عبدالله؈ جا دست بيعت ٿيا، ۽ ان کانپوءِ خرقه خلافت سان به



Shah Abdul Latif Bhitai Chair

نوازيا ويا. فقير صاحب نہ رڳو عالم دين، حڪيم، طبيب هئا، پر قادرالڪلام صوفي شاعر بہ هئا. شاعريءَ ۾ ’حسين‘ تخلص ڪم آڻيندا هئا. سندس ڪلام جو ذخيرو يا قلمي نسخو ڪونہ ٿو ملي، پر سندس ڪجھ ڪلام، جماعت جي فقيرن کي زباني طور ياد آهي. هن کان اڳ سندس ڪلام جو ذڪر ڪٿي ڪونہ ٿو ملي. فقير سائين جي شاعريءَ ۾ صوفيانہ ۽ عارفانہ رنگ سمايل آهي، ۽ اُن سان گڏوگڏ مذهبي عنصر بہ غالب آهي. پاڻ مولود ۽ ڪافيون چيائون. سندس ڪلام مان هڪ ڪافي نموني طور پيش ڪجي ٿي:

ٿلهہ: جيئڻ آهي جنجال مون کي، وو اديون ريءَ آري جي.

هتان هوت چڏي ويا، وو ملڻ آهي محال مون کي.

ويندیس رهنديس ڪينڪي، وو هر دم آهي خيال مون کي.

ويهڻ واجب ناهي يار، وو هلڻو آهي هر حال مون کي.

هاڻي هتي ’حسين‘ چوي، وو زندگي آهي زوال مون کي.

## حوالا


١. قمر، محمد بخش، ڊاڪٽر، ’شمس الطريقت والشريعت في الآثار حضرت حافظ الملت‘ ڪوئٽہ، قلات پبلشرز، رستم جي لين، جناح روڊ، ٢٠٠٤ع، ص: ٩٤.

٢. سومرو، الهوسايو، ڊاڪٽر، ’خانقاهہ پرچوندي شريف جي ادبي تاريخ‘، خانقاهہ پرچوندي شريف، حافظ الملت اڪيڊمي، ٢٠١٥ع، ص: ١٠٦-١٠٧.

٣. سنڌي، دادا ڪريم بخش، ’سنڌ جي عالمن جا سونهري ڪارناما‘، حيدرآباد سنڌ تحقيقي بورڊ، ١٩٩٣ع، ص: ٣٠-٤٩.

٤. سومرو، الهوسايو، ڊاڪٽر، ’خانقاهہ پرچوندي شريف جي ادبي تاريخ‘، خانقاهہ پرچوندي شريف، حافظ الملت اڪيڊمي، ٢٠١٥ع، ص: ١١٧.

٥. قمر، محمد بخش، ڊاڪٽر، ’شمس الطريقت والشريعت في الآثار حضرت حافظ الملت‘ ڪوئٽہ، قلات پبلشرز، رستم جي لين، جناح روڊ، ٢٠٠٤ع، ص: ١١٨.

٦. سهروردي، حسان الحيدري، مير، ’رسالو سلوڪ جو‘ ڪلام حضرت حافظ محمد صديق پرچوندي سريف، ڏهرڪي، حافظ الملت اڪيدمي، ٢٠٠٤ع، ص: ٩٥.







٧. ساڳيو، ص ٩٦: بيت نمبر ٢٤٤.

٨. سهروردي، حسان الحيدري، مير، ’رسالو سلوڪ جو‘ ڪلام حضرت حافظ محمد صديق پرچوندي سريف، ڏهرڪي، حافظ الملت اڪيدمي، ٢٠٠٤ع، ص: ٩٦.

٩. ساڳيو، بيت نمبر ٥٢.

١٠. ساڳيو، بيت نمبر ٧٢.

١١. ساڳيو، بيت نمبر ٧٨.

١٢. سومرو، الهوسايو، ڊاڪٽر، ’خانقاهہ پرچوندي شريف جي ادبي تاريخ‘، خانقاهہ پرچوندي شريف، حافظ الملت اڪيڊمي، ٢٠١٥ع، ص: ٢٤٠.

١٣. بلوچ نبي بخش خان، ڊاڪٽر، ’ڦافيون‘، جلد ٻيو، ڄامشورو/ حيدرآباد سنڌ، پاڪستان، سنڌي ادبي بورڊ، ١٩٨٧ع، ص: ١٠٢٨.

١٤. بخاري، محمود شاهہ، سيد (١٩٩٥ع) ’آزاديءَ جو امام مولانا تاج محمود امروٽي‘، ڪراچي، سنڌيڪا اڪيڊمي، ٢٠٠٣ع، ص: ١٦ — ٢١٥.

١٥. ساڳيو، ص: ٢٧٥.

١٦. ساڳيو، ص: ٩١- ٢٩٠.

١٧. سومرو، الهوسايو، ڊاڪٽر، ’خانقاهہ پرچوندي شريف جي ادبي تاريخ‘، خانقاهہ پرچوندي شريف، حافظ الملت اڪيڊمي، ٢٠١٥ع، ص: ٢٥٠.

١٨. ساڳيو، ٢٥٠.

١٩. بلوچ نبي بخش خان، ڊاڪٽر، ’ڦافيون‘، جلد ٻيو، ڄامشورو/ حيدرآباد سنڌ، پاڪستان، سنڌي ادبي بورڊ، ١٩٨٧ع، ص: ١٠٢٠.

٢٠. ساڳيو، ص: ١٠٢١.

٢١. خانگڙهي، احمد، مولانا، ’بياض احمدي‘، خانگڙهہ شريف، درگاهہ عاليہ، ڪافي نمبر ٧٧ - ص: ٥٣.

٢٢. ساڳيو، ص: ١٧١.

٢٣. ساڳيو، بيت ٢٠، ص: ١٠٢.

٢٤. ساڳيو، بيت ١٠٧، ص: ١١٨.

٢٥. سومرو، الهوسايو، ڊاڪٽر، ’خانقاهہ پرچوندي شريف جي ادبي تاريخ‘، خانقاهہ پرچوندي شريف، حافظ الملت اڪيڊمي، ٢٠١٥ع، ص: ٢٨٨.


Shah Abdul Latif Bhitai Chair